
# ٹقڙي يا پلورونمونيا

## (سي سي پي پي)

## تعارف

ٹقڙي يا پلورونمونيا ٻڪرين ۽ رڍن جي ڦڦڙن تي اثر ڪندڙ خطرناڪ وبائي بيماري آهي، اها بيماري وڏي تعداد ۾ ٻڪرين ۽ رڍن کي بيمار ڪندي آهي، 60 کان 100% فيصد بيمار جانور مري وڃن ٿا. هي بيماري عام طور تي ٻڪرين ۾ گهٽي ٿيندي آهي پر رڍن کي پڻ بيمار ڪري ٿي. ٹقڙي يا پلورونمونيا انسانن ۾ نہ وچڙندي آهي.





## ٹقڙي ٿيڻ جا سبب

هي ساه کڻڻ جي سرشتي واري بيماري بيڪٽيريا (جراثيمَ) جي ڪري ٿئي ٿي. جنهن جو نالو مائيڪوپلازما ڪيپريڪيولم ۽ ذيلي ذات ڪيپرينمونيا آهي.

## بيماري جون علامتون

- هي بيماري هيٺ ڏنل مختلف قسمن جي علامتن جي ڪري ٿئي ٿي
- جانور تمام جلد متاثر ٿي سگهن ٿا، بيماري ۽ ڪجھ ٻين نشانين جي ڪري جانور 1 کان 3 ڏينهن ۾ مري وڃي ٿو.
- جيڪڏهن جانور جلدي نہ ٿا مرن تہ اهي کائڻ بند ڪندا آهن: ڪمزور ، اداس، بيهوش، تيز بخار، سخت ڪنگھ ۽ ساھ چڪي کڻندا آهن.
- ڍگهي عرصي کان متاثر ٿيل جانورن ۾ گهٽ واضح علامتون نظر اينديون آهن ، جن ۾ ڪنگھ ، چيڙيل هيڊو – سائوزڪام ۽ ويساھ شامل آهن.

## جانورن ۾ ٹقڙي ٿيڻ جا سبب

- جانور ٻين متاثر ٿيندڙ جانورن سان سڌي رابطي جي ڪري بيمار ٿئي ٿو چو جو  بيمار جانور جي نڇ مان نڪتل بيڪٽيريا صحتياب جانور جي ساھ ۾ هليا وڃن ٿا.
- بيمار جانورن ۾ ڍگهي عرصي تائين معمولي نشانيون ڏسڻ ۾ اينديون آهن جنهن جي ڪري ٹقڙي جي سڃاڻپ ڪرڻ ۾ تمام گهٽي مشڪل ٿيندي آهي.
- جانور عام طور تي ڪنهن ٻئي متاثر ٿيل جانور سان رابطي ۾ اچڻ کانپوءِ 6 کان 10 ڏينهن بعد بيماري جون علامتون ڏيکارڻ شروع ڪندا آهن
- جانورن ۾جيڪڏهن غذايت جي ڪَمي هجي يا گاڏي جو ڍگهو سفر هجي يا برساتن جا شروع وارا ڏينهن هجن تہ جانور بيمار ٿي سگهن ٿا



## سي سي پي پي جي سڃاڻپ ڪيئن ڪجي؟

- **ڦڦڙي کي هميشہ شڪ ۾ رکڻ گهرجي، جيڪڏهن هڪ ئي وقت ۾ گهڻن/ وڏيڪ جانورن کي ساهہ واري بيماري سان گڏ ڪنگهہ، پاڻي وارو زڪام، ساهہ کڻڻ ۾ تڪليف ۽ اچانڪ موت ٿئي تہ اها بيماري ڦڦڙي ٿي سگهي ٿي.**
- مردار جانور جو ڦڦڙ ٿلهو، وزني ۽ ڪارو هوندو آهي، ڦڦڙن جي ٻنهي حصن ۾ خراب مواد ٻيڻل هوندو آهي ۽ جيڪڏهن ڦڦڙ ڦاٽل هجي تہ خراب هيڊو مواد وهندو رهندو آهي.
- ويٽرنري ڊاڪٽر بيماري جي سڃاڻپ لاءِ مئل جانورن مان ڦڦڙن جا نمونا، صحت مند ۽ بيمار ٻڪري يا رڍ مان رت جا نمونا ڪڍي ليبارٽري مان تصديق ڪرائيندا آهن.

## ڦڦڙي جهڙيون ٻيون بيماريون

- ٽڏي ماتا يا ڪاٽا (پي پي آر) : تيز بخار ، وڏيڪ تعداد ۾ موت ، وات ۾ ڦلوڪڻن جي ڪري سور، اکين ۾ پاڻي، جلاب ٿيندا آهن.
- ساهہ ۾ تڪليف ڪندڙ ٻيون بيماريون

## جيڪڏهن توهان کي ڦڦڙي واري بيماري جو شڪ آهي تہ ڇا ڪندا؟

جيڪڏهن توهان جو جانور ڦڦڙي واري بيماري ۾مبتلا ٿئي ٿو تہ پوءِ توهان پنهنجي ڳوٺ يا يونين ڪائونسل ۾ موجود ويجهي سرڪاري يا پرائيويٽ جانورن جي ڊاڪٽر يا ڊسپينسري اسسٽنٽ سان رابطو ڪندا.

## علاج

جيڪڏهن جانورن کي بيمار ٿيڻ کان پهرين اينٽي بايوٽيڪٽس جو مڪمل ڪورس هڪ هفتي تائين روزانولڳائجي تہ علاج اثرائتو ٿي سگهي ٿو ۽ ان سان گڏ پنهنجي مقامي جانورن جي ماهرڪان بہ صلاح ضرور وٺو.

## بيماري جي ڦهلجڻ تي ضابطو

- وبا بيماري جي دوران ، بيمار جانورن کي صحتمند کان ڌارڪجي تہ جيئن بيمار جانور جي بهتر سنڀال ۽ خوراڪ حاصل ڪري سگهن.
- بيماري کي پکيڙڻ کان بچڻ لاءِ صحتمند جانورن کانپوءِ بيمار جانورن کي کارايو. بيمار جانورن کي هٿ لاهڻ کانپوءِ پنهنجا هٿ چڱي طرح ڌوئجن.
- بيمار جانورن کي خوراڪ ڏيڻ کانپوءِ استعمال ڪيل آورا يا ٻيا ٿانوَ گهر ۾ موجود صابڻ يا بليچ سان ڌوئي ڇڏيو.

## بيماري روڪڻ جا احتياط

- جانورن کي ڦڦڙي جي ويڪسين لڳي سگهجي ٿي. ماهر ويٽرنري ڊاڪٽر سان رابطو ڪرڻ ضروري آهي.
- جانورن کي معياري پڙي يا جاءِ تان خريد ڪرڻ گهرجي. خريد ڪيل جانورن کي صحتمند جانورن کان الڳ ڪجي. ماهر ڊاڪٽر جي چڪاس ۽ جانور جي صحتمند ٿيڻ کان پوءِ سيني کي گڏ رکجي.